# نعمتن جي قدر ڪريو

## هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

(اسلامي ڀينرن جي لاءِ)

**10-Aug-2017**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# نعمتن جي قدر ڪريو

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرود شريف جي فضيلت

ابوعَرُوبہ الحراثي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو معمول هو تہ اوهان جي اڳيان جڏهن ڪو حديث پڙهندو هو تہ پاڻ دُرُود و سلام ضرور پڙهندا هئا ۽ خُوب ظاهر ڪري پڙهندا هئا ۽ چوندا هئا تہ حديث شريف پڙهڻ جي هڪ بَرَڪت هي آهي تہ دُنيا ۾ ڪثرت سان دُرُود و سلام پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ۽ آخرت ۾ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ جَنَّت جون نعمتون ملنديون. (سعادة الدارين، الباب الخامس في المواطن التي تشرع فيه الصلاة الخ، ص١٩٨)

گندے نکمّے کمین مہنگے ہوں کوڑی کے تین کون ہمیں پالتا تم پہ کروروں درود

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندَس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندَس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ۞ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُاالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارين جي دِل جوئي جي لاءِ پست آواز سان جواب ڏيندَس ۞ اجتماع کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس. جيڪو ڪجهہ ٻڌندَس ان کي ٻڌي ڪري سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ کان پوءِ ٻين تائين پهچائي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس، دورانِ بيان موبائل جي غير ضروري استعمال کان بچندَس، نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جي آواز (ڇو تہ ان جي اجازت ناهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**دعوتِ اِسلامي** جي اشاعتي اِداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب "**عيون الحڪايات** (حصّو اول)" صفحي نمبر 269 مان هڪ سبق آموز حڪايت ٻڌو ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ مدني گلن جي مهڪندڙ خوشبو سان پنهنجي دل جي مدني گلدستي کي بہ مشڪبار ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. جيئن

## گناهن کان حفاظت جي انوکي دُعا

حضرت سَيِدُنا مالڪ بن انس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سَيِدُنا يونس بن يوسف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي زماني جي مشهور اولياءِ ڪرامن مان هئا. گهڻو

www.dawateislami.net

وَقت مسجد ۾ گُذاريندا هئا ۽ پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مشغول رهندا هئا. عالَمِ شباب (يعني جواني جو عالَم) هو. انهن پنهنجي جواني الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. هڪ ڀيري پاڻ مسجد مان ٻاهر اچي رهيا هئا ته اوچتو واٽ تي هڪ نوجوان عورت تي نظر پئجي وئي ۽ دل ڪجهه دير جي لاءِ ان ڏانهن مائل ٿي پر پوءِ هڪدم پنهنجي هن فعل تي شرمسار ٿيا ۽ بارگاهه الٰهي ۾ دُعا جي لاءِ هٿ کنيا ۽ هنن لفظن سان دعا گهرڻ لڳا: اي منهنجا پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ! بيشڪ تو مون کي اکيون عطا ڪيون جيڪي تمام وڏي نعمت آهي پر مون کي خطرو لڳي رهيو آهي ته ڪٿي هنن اکين جي ڪري مان عذاب ۾ مبُتلا نه ٿي وڃان ۽ هي اکيون منهنجي هلاڪت جو سبب نه بڻجي وڃي، اي منهنجا پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ! تون منهنجي اکين جو نور کسي ڇڏ. جيئن ئي پاڻ دُعا مان فارغ ٿيا، سندن اکين جي روشني ختم ٿي چڪي هئي ۽ پاڻ نابين (Blind) ٿي ويا هئا پوءِ پاڻ پنهنجي ڀائٽي کي پاڻ سان گڏ رکندا هئا جيڪو نمازن جي وقت ۾ اوهان کي مسجد تائين ڪٺي ويندو هو ۽ ٻين معاملن ۾ به اوهان ان کان مدد وٺندا هئا. سندن ڀائٽو اوهان کي مسجد ۾ ڇڏي پاڻ ٻارن سان کيڏڻ لڳندو هو. جڏهن سندن کي ڪا حاجت ٿيندي هئي ته ان کي سڏيندا هئا اهڙي طر ح وَقت گُذرندو رهيو. هڪ ڀيري پاڻ مسجد ۾ هئا ته اوهان کي پنهنجي جسم تي ڪا شيءِ هلندي محسوس ٿي، پاڻ ڀائٽي کي آواز ڏنو پر هو ٻارن سان راند ۾ مگن رهيو ۽ اوهان وٽ اچي نه سگهيو.اوهان کي خطرو ٿيو ته ڪو نُقصان نه پهچائي. پوءِ پاڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ ٻيهر فرياد ڪيو ۽ هنن لفظن سان پنهنجي مالڪ حقيقي عَزَّوَجَلَّ کان دعا گهرڻ لڳا: اي منهنجا رحيم ۽ ڪريم پروردگار عَزَّوَجَلَّ! تو مون کي اکين جي دولت سان نوازيو، جيڪا نهايت ئي وڏي نعمت هئي پر وري مون کي خوف ٿيو ته ڪٿي هنن اکين جي غلط استعمال جي ڪري مان عذاب ۾ مبتلا نه ٿي وڃان، پوءِ مون تو کان دعا گهري ته منهنجي روشني کسي ڇڏ،

اي منهنجا مولىٰ عَزَّوَجَلَّ! هاڻي مون کي هي خوف آهي تہ جيڪڏهن منهنجو نور واپس نہ آيو تہ ڪٿي هي منهنجي لاءِ آزمائش ۽ رُسوائي جو سبب نہ بڻجي وڃي ڇاڪاڻ تہ مان هاڻي ڏسي نہ ٿو سگهان، ڪو مُوذي جانور مون کي نُقصان پهچائي سگهي ٿو ۽ هر هر پنهنجي حاجتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ٻين جي مدد دَرڪار هوندي آهي جنهن سبب مون کي گهڻي تڪليف ٿيندي آهي، اي منهنجا مالڪ۽ مختار پروردگار عَزَّوَجَلَّ! مون کي منهنجو نور موٽائي ڏي تہ جيئن مان رسوائي ۽ ماڻهن جي مُحتاجي کان بچي وڃان. حضرت سَيِدُنا مالڪ بن انس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اڃا هو نيڪ ماڻهو پنهنجي دُعا کان فارغ بہ نہ ٿيو هو تہ انهن جي اکين جو نور موٽي آيو ۽ هاڻي هو پاڻ ٻين جي مدد جي بغير پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو، مون اوهان کي ٻنهي حالتن ۾ ڏٺو يعني هن حال ۾ بہ ڏٺو تہ اوهان جي بينائي ختم ٿي چڪي هئي ۽ هن حالت ۾ بہ ڏٺو تہ دعا جي برڪت سان اوهان کي ٻيهر اکين جي نعمت عطا ڪئي وئي. اوهان پهريان وانگر هاڻي بہ پاڻ مسجد ڏانهن ويندا هئا ۽ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندا هئا.

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ڏٺو اوهان تہ اسان جا بزرگانِ دين ڪيتري قدر خوفِ خدا وارا، حَيادار، نمازن جا پابند، مُستجابُ الدَّعوات ۽ شڪر گذار ٻانها هئا جو الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل نعمتن (Blessings) جي حقيقي معنيٰ ۾ قدر ۽ قيمت جي خبر هئي، بي خيالي ۾ جيڪڏهن ڪنهن اَجنبيہ تي انهن جي نگاهہ پوندي هئي تہ هي حضرات شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي بي حيا ماڻهن وانگر ان جي حُسن و جمال ۾ گم ٿيڻ، ان جو پيڇو ڪرڻ ۽ ذِهن ۾ ان جي باري ۾ گندا خيال آڻڻ بدران پنهنجي ان عمل جي سبب نهايت شرمسار ٿيندا هئا ڇوتہ انهن کي هن حقيقت جو علم هو تہ اک الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ عظيمُ الشَّان نعمت آهي،

www.dawateislami.net

جنهن نيڪ ۽ جائز ڪمن ۾ استعمال ڪرڻ ان نعمت جو شڪر، جڏهن ته غير شرعي ڪمن ۾ استعمال ڪرڻ سراسر بيوقوفي ۽ نعمت جي ناقدري سان گڏوگڏ پنهنجو پاڻ کي جهنّم جو حقدار بڻائڻ آهي، جڏهن هي ڏسندا آهن ته هاڻي اسان کان هن نعمت جو حق ادا نه ٿي سگهندو ته بارگاه الٰهي ۾ ان نعمت جي ختم ٿيڻ جي لاءِ دعا گهرندا هئا ته جيئن ٻيهر ڪنهن غير عورت تي نظر نه پئجي وڃي، هتي هي مسئلو به ذهن نشين رکوته بي خيالي ۾ اوچتو ڪنهن پرائي عورت تي نظر پوڻ کان پوءِ هڪدم نظر ڦيرائڻ شرعاً واجب آهي جڏهن ته ٻيهر نظر ڪرڻ جائز ناهي، جيئن **سرڪارِ** مدينه منوره، سردارِ مڪه مڪرمه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **امير المومنين، حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضيٰ** كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم **کي فرمايو: اي علي! هڪڙي نظر کان پوءِ ٻي نظر نه ڪريو** (يعني جيڪڏهن اوچتو بنا ارادي جي ڪنهن عورت تي نظر پوي ته فورًا نظر هٽائي ۽ ٻيهر نظر نه ڪري) **جو پهرين نظر جائز آهي ۽ ٻي نظر جائز ناهي.**

(ترمذي،ڪتاب الادب،باب ماجاء في نظرة الفجاءة،حديث: ٢٧٨٦، ۴ / ٣٥٦)

**حڪيم الاُمَّت مُفتي احمد يار خان** رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه **فرمائن ٿا ته پهرين نِگاهه مان مُراد اها نِگاهه آهي جيڪا بغير قَصْد** (يعني ارادي جي بغير) **اَجنبي عَورَت تي پئجي وڃي ۽ ٻي نِگاهه مان مُراد ٻيهر ان کي قَصْداً** (يعني ڄاڻي واڻي) **ڏسڻ آهي. جيڪڏهن پهرين نظر به ڄمائي رکي هٽائي نه ته ٻي نگاهه جي حڪم ۾ هوندي ۽ ان** (پهرين نظر ڪرڻ) **تي به گناهه ٿيندو.** (مرآة المناجيح،١٧/۵)

بيان ڪيل حڪايت مان اسان کي هي مدني گل به مليو ته اک جي نعمت سان محروم ٿيڻ جي باوجود به الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها مَسجد ۾ وڃي باجماعت نماز جي ادائيگي ڪندا هئا ۽ انهن جو هي ذهن بڻيل هو ته اک جي نعمت

موجود ناهي تہ ڇا ٽيوبيون نعمتون مثال طور هٿ پير وغيره عضوا تہ سلامت آهن، تنهنڪري هي حضرات باجماعت نماز جي ادائيگي جي سعادت جي لاءِ ڪنهن جو سهارو وٺي مسجد پهچي ويندا هئا. اي ڪاش! هنن بُزرگانِ دِين جي طفيل اسان ڪي بہ نعمتن جي صحيح معنيٰ ۾ قدر نصيب ٿي وڃي، **اکين جي حفاظت** جي سعادت ملي وڃي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!          صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ۽ شبهو ناهي تہ اڄ سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جو شعبو ترقي ۽ عروج (Peak) تي آهي ۽ هر ايندڙ ڏينهن نئين ڪان نيون تحقيقون ۽ اِيجادون ٿي رهيون آهن، ايستائين جو جديد ترين اوزارن جي مدد سان لکين، ڪروڙين، اربين، کربين بلڪ بي شمار شين جو حساب ڪتاب آساني سان لڳائي سگهجي ٿو، پر قُربان وڃو تہ ايتري قدر ترقي جي باوجود اڄ تائين ڪو اهڙو پيمانو ايجاد نہ ٿي سگهيو جو رَبّ تعاليٰ جي نعمتن کي شمار ڪري سگهجي، اللّٰہ تعاليٰ جون نعمتون بي حساب آهن، انهن کي اڄ تائين نہ ڪو شُمار ڪري سگهيو آهي ۽ نہ ئي آئنده ڪو انهن جو حساب لڳائي سگهندو.

سيپارو 14 سُوْرَۃُ النَّحْل آيت نمبر 18 ۾ **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نعمتن جي باري ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا ؕ **ترجَمہ ڪنز الايمان:** ۽ جيڪڏهن الله جُون نِعمتُون ڳڻيو تہ اُنهن جو شُمار ڪري نہ سگهندؤ. (پ۱۴،نحل،۱۸)

تفسير صراطُ الْجِنَان ۾ هن آيت سڳوري تحت لکيل آهي تہ ٻانهي جي تخليق

www.dawateislami.net

۾ الله تعاليٰ جون جيتريون نعمتون آهن، جيئن تندرست بدن، آفتن کان محفوظ جسم،صحيح اکيون، عَقلِ سليم، اهڙي سماعت جيڪا شين کي سمجهڻ ۾ مددگار آهي، هٿن جو پڪڙڻ، پيرن جو هلڻ وغيره ۽ جيتريون نعمتون انسان تي ڪيون آهن، جيئن ٻانهي جي دِيني ۽ دُنيوي ضرورتن جي تڪميل جي لاءِ پيدا ڪيل تمام شيون، هي ايتريون گهڻيون آهن جو انهن جو شمار(Counting) ممڪن ئي ناهي ايستائين جو جيڪڏهن ڪو الله تعاليٰ جي ننڍڙي نعمت جي معرفت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته هو حاصل نه ڪري سگهندو ته انهن نعمتن جو ڳا ڇوڻ جنهن کي تمام مخلوق گڏجي به شمار نٿي ڪري سگهي، ان ڪري الله تعاليٰ ارشاد فرمايو: جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ جي نعمتن کي شمار ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ ان ڪم ۾ پنهنجون زندگيون خرچ ڪيو ته به ان تي قادر نٿا ٿي سگهو.

( خازن، النحل، تحت الآية: ١٨،٣/ ١١٧)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! معلوم ٿيو ته اسان پنهنجي ڪيئي زندگيون ته ختم ڪري سگهون ٿا پر لک ڪوششن جي باوُجُود به ان پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن کي هرگز هرگز شُمار نٿا ڪري سگهون ۽ نه انهن نعمتن مان ڪنهن هڪ نعمت جو حق ادا ڪري سگهون ٿا. لهٰذا عقلمندي جي تقاضا هي آهي ته جهڙي طرح اسان اميري، تندرستي، خوشحالي، جواني ۽ عافيت وغيره ئي کي نعمتون تصور ڪيون ٿا ۽ صرف انهيءَ حالتن ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جي نعمتن جي ساراهه ڪيون ٿا ۽ هنن نعمتن تي ان جا شڪر گذار ٻڻجي رهون ٿا، اهڙي طرح اسان کي گهرجي ته غُربت ۽ اَفلاس، بيماري، معذوري، بدحالي، پوڙهائپ ۽ ڪمزوري ۽ مصيبتن ۽ تڪليفن جي حالت ۾ به ماڻهن جي اڳيان شڪوا شڪايت ڪرڻ ۽ پنهنجا ڏُک ٻڌائڻ جي بدران ان جي بين نعمتن کي

www.dawateislami.net

ياد ڪندي صابر ۽ شاڪر بڻجون ۽ انهن نعمتن تي ان جو خوب خوب شڪر ادا ڪيون ڇوته حقيقت ۾ اسان بي قدرا ته هن لائق (Capable) به ناهيون جو اسان کي ڪا نعمت ڏني وڃي، نعمتون ملڻ تي ٿيڻ ته ائين گهرجي جو اسان ان جي شڪراني ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا وارا ڪم ڪيون ۽ نافرماني وارن ڪمن کان بچون، پر افسوس! جو غيرن جي نقل ڪندي هاڻي ڪوڙ مسلمان عقيقو، منگڻي، شادي ۽ يومِ آزادي وغيره خُوشي جي موقعن تي تقريبن ۾ شڪرِ الٰهي جي بدران معاذالله عَزَّوَجَلَّ دل کولي ڳائڻ وڄائڻ، عجيب راند تماشن، نامحرم مَردن ۽ عورتن سان ميل جَول ۽ غير شرعي رسمن وغيره جهڙن شيطاني ڪمن جي ذريعي پنهنجي آخرت برباد ڪن ٿا ۽ ربّ عَزَّوَجَلَّ کي ناراض ڪن ٿا. **ياد رکو!** نعمتن تي شڪر ادا ڪرڻ جو هي طريقو هرگز درست ناهي بلڪه هي ته نعمتن جي شديد ناقدري آهي ڇوته ڳائڻ وڄائڻ، ٻڌڻ ٻڌائڻ ناجائز۽حرام۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهي خصوصاً نعمت ملڻ تي ڳائڻ وڄائڻ ته نهايت ئي بُرو آهي. اچو! **ڳائڻ وڄائڻ جي تباهه ڪارين تي مشتمل** 3 روايتون ٻڌو ۽ عبرت حاصل ڪريو:

(1) ٻن آوازن تي دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت آهي: (1) نعمت جي وقت باجو (2) مصيبت جي وقت روڄ راڙو ڪرڻ. (اَلْکامِل فِي ضُعَفاءِ الرِّجال ،٢٩٩/٧)

(2) جيڪو ڳائڻ واريءَ وٽ ويهندو(۽) ڪن لڳائي ڪري ڏيان سان ٻڌندو ته الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان جي ڪنن ۾(سيسه) شيهو وجهندو. (ابنِ عَساکر ج٥١ ص٢٦٣)

(3) حضرت علامه جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: ڳانن باجن کان پنهنجو پاڻ کي بچايو ڇو ته اهي شهوت کي ڀڙڪائيندا ۽ غيرت

www.dawateislami.net

ڪي برباد ڪندا آهن ۽ هي شراب جا قائم مقام آهن، ان ۾ نشي جهڙي تاثير آهي. (شُعَبُ الْاِيمان،۴/۲۸۰ ،حديث:۵۱۰۸)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان جي بُزرگانِ دين ۾ نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ جو جذبو تمام گهڻو هو، جنهن جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هي حضرات طرح طرح جي آزمائشن ۾ ڦاٿل هئڻ جي باوُجُود ڪنهن اڳيان پنهنجي پريشاني ظاهر ڪري ناشڪري جا مُرتڪب نه ٿيندا هئا، جيڪڏهن ڪو انهن کي آزمائشن جي باوجود انتهائي پُرسُڪون زندگي (Life) گذارڻ ۽ صابر و شاڪر رهڻ تي تعجب ڪندو هو ته هي حضرات ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي بين نعمتن، ڪرم نوازين ۽ احسانن جو اهڙي حسين انداز ۾ تذڪرو ڪندا هئا جنهن کي ٻڌي ائين محسوس ٿيندو آهي ته جيئن انهن کي هر طرح جو عيش ۽ آرام ميسر آهي. اچو! اهڙي ئي صابر ۽ شاڪر بزرگ جي هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌون ٿا ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ مدني گلن کي پنهنجي دل جي مدني گُلدستي ۾ سجائڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا،

## 12 سوارن جو قافلو

حضرت سَيدُنا امام اَوزاعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي هڪ بُزرگ هي واقعو ٻڌايو ته مان اولياءِ ڪرام جي ڳولا ۾ هر وقت سر گردان (حيران ۽ پريشان) رهندو هئس ۽ انهن جي نڪاڻن کي ڳولڻ جي لاءِ ريگستانن، جبلن ۽ جنگهن ۾ ڦرندو هئس ته جيئن انهن جي صحبت مان فيضياب ٿي سگهان. هڪ ڀيري انهيءَ مقصد (Purpose) جي لاءِ مصر ڏانهن روانو ٿيس، جڏهن مان مصر جي ويجهو پهتس ته ويران هنڌ ۾ هڪ خيمو ڏٺو، جنهن ۾ هڪ اهڙو شخص موجود هو، جنهن جون اکيون، هٿ ۽ پير (جُذام جي) بيماري سبب ضائع ٿي

www.dawateislami.net

چڪا هئا پر ان حالت ۾ بہ هو عظيم انسان هنن لفظن سان پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي حمد ۽ ثنا ڪري رهيو هو تہ اي منهنجا پروردگار عَزَّوَجَلَّ! مان تنهنجي اها حمد ڪيان ٿو جيڪا تنهنجي تمام مخلوق جي حمد جي برابر هجي.اي منهنجا پروردگار عَزَّوَجَلَّ! بيشڪ تون تمام مخلوق جو خالق آهي ۽ تون سڀني تي فضيلت رکين ٿو، مان ان انعام تي تنهنجي حمد ڪيان ٿو تہ تو مون کي پنهنجي مخلوق ۾ ڪيئي ماڻهن کان افضل بڻايو.

هو بزرگ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ جڏهن مون ان شخص جي اها حالت ڏٺي تہ مون چيو: خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مان هن شخص کان هي ضرور پڇندس تہ ڇا حمد جا هي پاڪيزه ڪلمات توهان کي سيکاريا ويا آهن يا توهان کي اِلهام (Revelation) ٿيا آهن؟ پوءِ انهيءَ ارادي سان مان ان وٽ ويس ۽ ان کي سلام ڪيو، ان منهنجي سلام جو جواب ڏنو. مون چيو: اي نيڪ مرد! مان توهان کان هڪ شيءِ جي باري ۾ سوال ڪرڻ چاهيان ٿو، ڇا توهان مون کي جواب ڏيندؤ؟ ان چيائين: جيڪڏهن مون کي معلوم هوندو تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ضرور جواب ڏيندس. مون چيو: اها ڪهڙي نعمت آهي جنهن تي توهان الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد ڪري رهيا آهيو ۽ اها ڪهڙي فضيلت آهي جنهن تي توهان شڪر ادا ڪري رهيا آهيو؟ (جڏهن تہ توهان جا هٿ، پير ۽ اکيون وغيره سڀ ضائع ٿي چڪيون پوءِ بہ توهان حمد ڪري رهيا آهيو) اهو شخص چوڻ لڳو: ڇا تون ڏسين نہ ٿو تہ منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ مون سان ڪهڙو مُعاملو فرمايو؟ مون چيو: ڇو نہ، مان سڀ ڏسي چڪو آهيان. پوءِ هو چوڻ لڳو: ڏسو! جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ چاهي ها تہ مون تي آسمان مان باهہ وسائي ها جيڪا مون کي ساڙي خاڪ ڪري ها، جيڪڏهن هو پروردگار عَزَّوَجَلَّ چاهي ها تہ جبلن کي حڪم ڏي ها ۽ اهي مون

ڪي تباھ ۽ بر باد ڪن ھا، جيڪڏھن الله عَزَّوَجَلَّ چاھي ھا تہ سمنڊ کي حڪم فرمائي ھا تہ مون کي غرق ڪري ڇڏي ھا يا وري زمين کي حڪم ڪري تہ اھا مون کي پنھنجي اندر ڳھي وڃي پر ڏسو، الله عَزَّوَجَلَّ مون کي ان تمام مصيبتن کان محفوظ رکيو پوءِ مان پنھنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ڇو نہ ادا ڪيان، ؟ ان جي حمد ڇو نہ ڪيان؟ ۽ ان پاڪ پروَردگار عَزَّوَجَلَّ سان مَحَبَّت ڇو نہ ڪيان؟ (عيون الحڪايات،١/١٤٦ملخصاً)

مِرے سر پہ عِصیاں کا بار آہ مولیٰ! بڑھا جاتا ہے دم بدم یاالٰہی
زمیں بوجھ سے میرے پھٹتی نہیں ہے یہ تیرا ہی تو ہے کرم یاالٰہی

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص 110)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! ڏٺو اوھان تہ الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانھا بعض نعمتن کان محروم رھڻ جي باوجود بہ اھڙا صابر ۽ شاڪر رھن ٿا جو جيئن اھي نعمتون ڪڏھن بہ انھن کان زائل ئي نہ ٿيون. تنھنڪري اسان کي گھرجي تہ اسان بہ ھنن نيڪ ھستين جي نقشِ قدم تي ھلندي آزمائشن تي صبر ۽ نعمتن تي شڪر جي عادت اپنايون ڇوتہ ھي ٻئي اھڙيون عظيمُ الشّان ۽ پياريون عادتون آھن جو جنھن جي برڪت سان ٻانھو صديقيت جھڙي اعليٰ ترين مَنْصَب تي فائز ٿي ويندو آھي، جيئن

## صبر ڪرڻ وارن جو رتبو

حضرت سَيِّدُنا ابنِ عبّاس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهمَا فرمائن ٿا تہ الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان پھرين شيءِ لَوحِ محفوظ ۾ اھا لکي تہ مان الله (عَزَّوَجَلَّ) آھيان، منھنجي سِوا ڪو

www.dawateislami.net

عبادت جي لائق ناهي! محمد (صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) منهنجا رسول آهن. جنهن منهنجي فيصلي کي تسليم ڪيو ۽ منهنجي نازل ڪيل مُصيبت تي صبر ڪيو ۽ منهنجي نعمتن جو شڪر ادا ڪيو مون ان کي " صِدّيق " لکيو آهي ۽ ان کي صِدّيقن سان گڏ اٿاريندس ۽ جنهن منهنجي فيصلي کي تسليم ناهي ڪيو ۽ منهنجي نازِل ڪيل مُصيبت تي صَبر ناهي ڪيو ۽ منهنجي نعمتن جو شڪر ادا نہ ڪيو هو منهنجي علاوه جنهن کي چاهي پنهنجو معبود بڻائي وٺي. (تفسيرقرطبي، پ٣٠، البروج، تحت الاية:٢٢، ١٠/٢١٠)

حضرت علامہ محمد عبد الرَّؤف مناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه هن حديثِ پاڪ تحت فرمائن ٿا: مومن جو هر مُعاملو تَعجُّب خيز آهي ان ڪري جو ان جي تمام ڪمن ۾ ڀلائي ئي ڀلائي آهي جڏهن تہ ڪافرن ۽ مُنافقن کي بلڪل بہ اها فضيلت حاصل ناهي، جيڪڏهن مومن کي صحت ۽ سلامتي پهچي ٿي تہ ان تي الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪري ٿو، هي ان جي لاءِ بهتر آهي ڇوتہ ان کي شڪر ڪندڙن ۾ لکيو ويندو آهي ۽ جڏهن ڪا تڪليف دِه ڳالھ پهچي ٿي تہ صبر ڪري ٿو ۽ صبر ڪندڙن ۾ لکيو ويندو آهي، جنهن جي تعريف (Praise) قرآنِ ڪريم ۾ بيان ڪئي وئي آهي، پوءِ جيستائين هو تڪليف ۾ مبتلا رهي ٿو، ان تي رحمت جا دروازا کليل رهن ٿا، تہ هي بہ ان جي لاءِ بهتر آهي، تنهنڪري هر مومن کپي تہ نعمت ملڻ تي نعمت ڏيڻ واري جو شڪر ادا ڪري ۽ مصيبت رسڻ تي صبر ڪري ۽ جن شين جو ان کي حڪم آهي، اُنهن کي ادا ڪري، جن ڪان منع ڪيو ويو آهي، انهن ڪان پرهيز ڪري. (فيض القدير، حرف العين، ٤/ ٣٩٩، تحت الحديث:٥٣٨٢ملخصاً)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جيڪڏهن اسان پنهنجي ذات ۾ غور و فڪر

www.dawateislami.net

ڪريون تہ اها حقيقت ڪلي اسان جي سامهون ايندي تہ اسان جو سڄو جسم ئي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل بيشمار نعمتن جو مرڪز آهي مثال طور هن زندگي کي باقي رکڻ جي لاءِ اسان کي ساهہ هلڻ جي لاءِ پير، پڪڙڻ جي لاءِ هٿ، ڏسڻ جي لاءِ اکيون، ٻڌڻ جي لاءِ ڪن، سُونگهڻ جي لاءِ نڪ، ڳالهائڻ جي لاءِ زبان، کاڌو هضم ڪرڻ جي لاءِ پيٽ سميت ڪيئي نعمتن کان نوازيو آهي، ان جي علاوه خبر ناهي ٻيون ڪهڙيون ڪهڙيون بي مثال ۽ بي شُمار نعمتون آهن جو جنهن کان اسان ڏينهن رات لطف اندوز ٿي رهيا آهيون پر سوال هي پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا ڪڏهن اسان انهن نعمتن جو شڪر ادا ڪري انهن جو حق ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي يا مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني وارن ڪمن ۾ استعمال ڪري قهرِ قهار و غضبِ جبّار جا حقدار ٿيا؟ ياد رکو! جن قومن عيش ۽ عشرت ۾ مبتلا ٿي الله عَزَّوَجَلَّ جون نافرمانيون ڪيون اهي بربادي جي کڏ ۾ ڪرنديون ويون. جيئن

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي مطبوعہ تفسير ”صراط الجنان“ جلد 4صفحہ 27 تي ڪجھ ائين بيان ٿيو آهي:

## قومن جي عُروج و زَوال جي متعلق قانونِ الهٰي

قُدرت جو هي قانون آهي تہ ڪنهن قوم کي نعمت ڏئي ان وقت تائين ان نعمت کي عذاب ۾ تبديل ناهي ڪيو ويندو جيستائين اها قوم پاڻ پنهنجين بد اعمالين جي وجہ سان پنهنجي پاڻ کي ان نعمت جو نا اهل ثابت نہ ڪن. اڳوڻين ۽ موجوده قومن جي عُروج و زوال جي لاءِ اهو ئي اَٽل قانون آهي تہ نعمت جو شڪر ۽ حق اَدا ڪرڻ تي نعمت وڌي ويندي آهي ۽ ناشڪري ڪرڻ تي سزا ڏني ويندي آهي. هتي اها ڳالھ ياد رهي تہ قُدرت جو هي قانون صرف غيرمسلم قومن سان گڏ ئي خاص ناهي بلڪ مسلمان بہ جيڪڏهن انهيءَ رَوِش تي هليا تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن کان بہ پنهنجي ڏنل نعمتون واپس وٺندو آهي

www.dawateislami.net

۽ انهن ڪي بہ ذلت ۽ رُسوائي ڪي منهن ڏيٺو پوندو آهي جيئن تہ مسلمانن جي عُروج و زَوال جي اَسباب جي معرفت رکڻ وارا بخوبي ڄاڻن ٿا تہ جيستائين مسلمان الله عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل نعمتن ۽ انهن جو حق اَدا ڪندو رهي تيستائين عُروج جي انهن مَنازِل تي فائز رهي تہ دنيا جا وڏا وڏا سپر پاور (Super powers) انهن جي زيرِ حڪومت رهيا ۽ غير مسلم مسلمانن جو نالو ٻڌي ڏڪي ويندا هئا ۽ جڏهن ڪان مسلمانن نعمت جو شڪر ۽ ان جي حق جي اَدائيگي ڪان پاسو ڪيو تڏهن ڪان انهن جي طاقت ۽ غير مسلمن تي تَسلُّط (غلبو) ختم ٿيڻ شُروع ٿي ويو. (صراط الجنان :۲۷/۴،بتغير قليل)

جو کچھ بھی ہیں سب اپنے ہی ہاتھوں کے ہیں کرتُوت شکوہ ہے زمانے کا نہ قسمت کا گلہ ہے
دیکھے ہیں یہ دن اپنی ہی غفلت کی بدولت سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام بُرا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جسماني عضون جو شڪر ڇا آهي

حضرت سيدُنا محمد بن هاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي ڪنهن دوست جي حوالي سان بيان ڪن ٿا تہ هڪ شخص حضرت سيدُنا ابُو حازِم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪي عرض ڪيو: ”اي ابُو حازم! اکين جو شڪر ڇا آهي؟“ ارشاد فرمايائون: ”انهن جي ذريعي جيڪا چڱي ڳالھ ڏسو تہ ان ڪي عام ڪيو ۽ جيڪڏهن بُري ڳالھ ڏسو تہ ان ڪي لڪايو. “ان عرض ڪيو: ”ڪنن جو شڪر ڇا آهي؟“ پاڻ ارشاد فرمايائون: ”جيڪڏهن انهن جي ذريعي جيڪا چڱي ڳالھ ٻڌو تہ ان ڪي ياد ڪيو ۽ جيڪڏهن بُري ڳالھ ٻڌو تہ پوشيده رکو.“ ان عرض ڪيو: ”هٿن جو شڪر ڇا آهي؟“ پاڻ ارشاد فرمايائون: ”انهن سان ڪا اهڙي شيء حاصل نہ ڪيو جيڪو انهن جي لاءِ جائز ناهي ۽ ان مان جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جو حق آهي ان ڪي نہ روڪيو. “ان عرض ڪيائين: ”پيٽ جو شڪر ڇا آهي؟“ پاڻ ارشاد فرمايائون: ”پيٽ جو شڪر هي آهي تہ ان جي هيٺين حصي ۾ کاڌو هجي جڏهن تہ مٿيون حصو علم سان ٺمٽار هجي." ان عرض ڪيائين: ”شرمگاھ جو شڪر

ڇا آهي؟" پاڻ فرمايائون: "جيئن ته الله عَزَّوَجَلَّ جو (سپاري 18 سُوره مومنون ۾) فرمانِ عاليشان آهي:

وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ۝ اِلَّا عَلٰۤى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ۝ فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ۝

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ اُهي جيڪِي پنهنجِي شرمگاهن جِي حِفاظت ڪند ا آهن. مگر پنهنجيُن زالُن يا شرعِي ٻانهيُن تي جيڪِي اُنهن جي هٿ ملڪيت آهن (اُنهن سان) اُنهن تي ڪا ملامت نه آهي. پوءِ جيڪو اُنهن ٻن ڪانسواءِ ڪُجھ ٻِيو گُهري ته اُهي حد ڪان لنگهندڙ آهن.

ان عرض ڪيو: پيرن جو شڪر ڇا آهي؟ پاڻ ارشاد فرمايائون: "جيڪڏهن توهان ڪنهن اهڙي زنده ڪي ڏسو جنهن تي توهان ڪي رشڪ اچي ته انهن پيرن سان ان شخص جهڙو عمل ڪيو (يعني نيڪ عمل ڪيو) ۽ جيڪڏهن ڪنهن اهڙي مڙدي ڪي ڏسو جنهن ڪان توهان بيزار هجو ته پنهنجي پيرن ڪي ان شخص جهڙي عمل ڪان روڪي ونو (يعني برائي ڏانهن قدم نه وڌايو). اهڙي طرح توهان الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪرادا ڪرڻ وارا بڻجي ويندو. ۽ جنهن صرف زباني شڪر ڪيو باقي عضون سان نه ڪيو ته ان جو مثال ان شخص جهڙو آهي جنهن وٽ هڪ ڪپڙو هجي ۽ اهو ان جو هڪ ڪنارو پڪڙي ونې پر پائي نه اهو ان ڪي گرمي، سردي، برف ۽ برسات ڪان بچڻ جو فائده نه ڏيندو.

(حلية الاولياء، ٣/٢٧٩،رقم:٣٩٦٣)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب "شڪر ڪے فضائل" جو تعارف

**پيارِيون پيارِيون اسلامي ڀينرون!** ٻڌو اوهان ته الله عَزَّوَجَلَّ جا شڪر گذار ولي حضرت سيدُنا ابُو حازِم رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ڪان جڏهن ڪنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن يعني جسماني عضوئن جي شڪر بابت سوال پڇيا ته پاڻ انهن نعمتن جي شڪر ادا ڪرڻ بابت پڇيل سوالن جا نهايت دلچسپ ۽ نصيحتن تي مُشتمل

www.dawateislami.net

جواب ارشاد فرمايا. اسان کي بہ گھرجي تہ اسان بہ هنن احتياطن ۽ نصيحتن تي مشتمل مدني گلن کي پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائي پنهنجي قبر ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ هنن نعمتن جي قدر ڪندي هنن قيمتي عضوئن جي ذريعي صرف جائز ڪم ئي ونون ۽ انهن کي بُرن ڪمن ۾ استعمال ٿيڻ کان بچائي رَبّ تعاليٰ جي شڪر گذار ٻانهن ۾ شامل ٿي وڃون. يقيناً هي سڀ انهيءَ صورت ۾ ممڪن آهي جو جڏهن اسان صحيح معنيٰ ۾ نعمتن جي قدر ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. نعمتن جي قدر ڄاڻڻ ۽ شڪر جا فضائل ۽ فائدن کان فيض ياب ٿيڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جي شائع ٿيل ڪتاب "شڪر جا فضائل" جو مُطالعو نهايت مفيد آهي. اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ بُزرگن جو اندازِ شڪر، اَداءِ شڪر جا طريقا، شڪر گذارن جون حڪايتون، نعمت ۾ اضافي جا سبب، مختلف دعائون، شڪر ادا ڪرڻ جا فضائل ۽ نہ ڪرڻ وارن جي لاءِ وعيديون ۽ ڪيئي مدني گلن کي بيان ڪيو ويو آهي لهٰذا اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هدِيةً طَلَب ڪري پاڻ بہ ان جو مُطالَعو ڪيو ۽ ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگھجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگھجي ٿو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بلا شُبہ اسان جي بزرگن جون پاڪيزه زندگيون اسان لاءِ مشعلِ راهہ آهن، ناشڪري جو لفظ تہ ڄڻ انهن جي ڊِڪشنري ۾ ڪڏهن شامل ئي نہ ٿيو هو ڇوتہ هي حضرات نعمتن جا حقيقي معنيٰ ۾ قدر دان (Appreciators) هئا، هي اللّٰہ وارا خداءِ حنّان و منّان عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل نعمتن کي ياد رکڻ ۽ انهن جو شڪر ادا ڪرڻ کان ڪڏهن بہ غافل

www.dawateislami.net

نہ ٿيندا هئا، هنن بزرگن جو اندازِ شڪر ايترو حسين هو جو جڏهن ڪائيندا پيئندا، لباس پائيندا يا ڪو بہ ڪم ڪندا هئا تہ ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن جو چرچو ڪندا هئا بسا اوقات تہ پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي احسانن ڪي شمار ڪندي ڪندي انهن جون راتيون ڪٽجي وينديون هيون ايستائين جو هي سلسلو صبح تائين ائين ئي جاري رهندو هو. اچو! ترغيب طور ڪجھ بزرگن جو اندازِ شڪر ملاحظہ ڪريو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن تي ان جو شڪر ادا ڪرڻ جي عادت بڻايو،

## سيدُنانوح عليہ السّلام ڪي عبداً شڪورًا چوڻ جو سبب؟

حضرت سيدُنا سعد بن مسعود ثقفي رحمۃ اللہ تعالٰی عليہ فرمائن ٿا تہ حضرت سيدُنا نوح علي نبينا و عليہ الصلوٰۃ والسّلام ڪي (قرآنِ ڪريم ۾) "عَبۡدًا شَكُوۡرًا" (يعني وڏو شڪر گذار ٻانهو) ان ڪري فرمايو ويو جو پاڻ علي نبينا و عليہ الصلوٰۃ والسّلام جڏهن بہ نئون لباس پائيندا هئا يا کاڌو کائيندا هئا تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪندا هئا. (شڪر کے فضائل،ص٢٦)

حضرت سيدُنا ابن نباتہ رحمۃ اللہ تعالٰی عليہ فرمائن ٿا تہ امير المؤمنين حضرت سيدُنا علي المرتضيٰ، شيرِ خدا ڪرّم اللہ تعالٰي وجهه الڪريم قضاءِ حاجت جي لاءِ ويندي اها دعا پڙهندا هئا: بِسۡمِ الله الۡحَافِظِ الۡمُؤَدِّی يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي ڪان جيڪو حفاظت ڪرڻ وارو، تڪميل تائين پهچائڻ وارو آهي." پوءِ جڏهن فارغ ٿيندا هئا تہ هٿ مبارڪ سان شڪمِ مبارڪ (پيٽ)ڪي هٿ لڳائي فرمائيندا هئا: يا لَها مِنۡ نِّعۡمَةٍ لَوۡ يَعۡلَمُ الۡعِبَادُ شُكۡرَهَا يعني ڪيتري عظيم نعمت آهي، ڪاش! ماڻهو هن جو شڪر ادا ڪرڻ ڄاڻي وٺن. (شعب الايمان،باب في تعديل، حديث:٤٤٦٨ ، ١١٣/٤)

## سيدُناحسن بصري رحمۃ اللہ تعالٰی عليہ جو اندازِ شڪر

حضرت سيدُنا امام حسن بصري رحمۃ اللہ تعالٰی عليہ گفتگو شروع ڪرڻ وقت ائين

www.dawateislami.net

چوندا هئا تہ تمام ساراهہ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن، اي الله عَزَّوَجَلَّ! اي اسان جا ربّ عَزَّوَجَلَّ ! تنهنجو شڪر آهي تہ تو اسان کي پيدا ڪيو، اسان کي رزق ڏنو، هدايت ڏني، علم ڏنو، نجات بخشي ۽ اسان کان تڪليف پري ڪئي، اسلام ۽ قرآن جي نعمت تي تنهنجو شڪر آهي، اهل و عيال، مال و زَر ۽ صحت و عافيت جي نعمت تي بہ تنهنجو شڪر آهي. تو اسان جي دُشمنن کي رُسوا ڪيو، اسان جي رِزق ۾ ڪشادگي ڪئي، هن اُمّت کي غلبو ڏنو، اسان وکڙيلن کي گڏ ڪيو، اسان کي بهترين صحت ۽ عافيت عطا فرمائي، اي اسان جا ربّ عَزَّوَجَلَّ! اسان تو کان جيڪو گهريو تو اسان کي عطا فرمايو، پس ان تي تنهنجو بي انتها شڪر آهي ۽ تنهنجي عطا ڪيل هر نعمت تي تنهنجو شڪر آهي، چاهي نئين هجي يا پُراني، پوشيده هجي يا ظاهر، خاص هجي يا عام، باقي هجي يا ختم ٿي وئي هجي ۽ موجود هجي يا غائب، تنهنجو شڪر آهي ايستائين جو تون راضي ٿي وڃين ۽ جڏهن تو راضي ٿي وڃين تڏهن بہ تنهنجو شڪر آهي.
(شکر کے فضائل،ص۲۴)

## سڄي رات نعمتن جوئي تذڪرو رهيو

حضرت سيدُنا ابنِ اَبي حواري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ حضرت سيدُنا فُضيل بن عياض ۽ حضرت سيدُنا سفيان بن عُيينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمَا هڪ رات صبح تائين هڪ ٻئي سان الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن جو تذڪرو ڪندا رهيا، پوءِ حضرت سيدُنا سُفيان بن عُيينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائيندا هئا: الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي هي نعمتون عطا ڪيون، اهي نعمتون عطا ڪيون، اسان تي هيءُ احسان ڪيو، اهو احسان فرمايو.
(ائين هي سلسلو صبح تائين جاري رهيو) (شعب الايمان،باب في تعديد ،حديث:٤٤٥٢، ٤/ ١١٠)

شُکر ایک کرم کا بھی اَدا ہو نہیں سکتا
دِل تم پہ فِدا جانِ حسن تم پہ فِدا ہو

www.dawateislami.net

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مسجد دَرس“

سُبۡحٰنَ اللّٰــه عَزَّوَجَلَّ! ٻڌو اوهان ته اسان جا بزرگانِ دين ڪيتري دلنشين انداز ۾ پنهنجي معبود حقيقي جي نعمتن کي ياد ڪندا هئا ۽ پوري پوري رات ان جو چرچو ڪندا رهندا هئا .تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان دنيوي رنگينين ۾ گم ٿيڻ ۽ ناشڪرن جي صحبت ۾ وقت وڃائڻ بدران سدائين اهڙن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪريون جن جي صحبت جي برڪت سان اسان کي نعمتن جو قدر ۽ انهن تي خدا تعاليٰ جو شڪر ڪرڻ جو جذبو نصيب ٿئي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن پرفتن دور ۾ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن جو شڪر بجا آڻڻ ان جي نعمتن کي نافرماني ۾ استعمال ٿيڻ کان بچائڻ ۽ نعمتن جو حقيقي معنيٰ ۾ قدر ڪرڻ جو ذهن عطا ڪري ٿو. تنهنڪري اوهان به هن موقعي مان فائدو ڪڻو ۽ هن پاڪيزه مدني ماحول سان وابسته ٿي ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو.ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”انفرادي ڪوشش“ به آهي.

انفرادي ڪوشش جا فضائل بي شمار آهن جيئن ته

سرڪارِ دو عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو :”الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪڏهن الله تعاليٰ توهان جي ذريعي ڪنهن هڪ کي به هدايت ڏي ته توهان جي لاءِ ڳاڙهن اٺن کان به بهتر آهي.“ (سنن ابو داؤد ج32ص159)

هڪ ٻئي جڳهه ارشاد ٿئي ٿو:

حضرتِ انس بن مالڪ کان روايت آهي ته رحمت ڪونين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ”نيڪي جي طرف رهنمائي ڪرڻ وارو به نيڪي ڪرڻ واري جي طرح آهي“ (جامع ترمذي ،ڪتاب العلم،باب ما جاء الدال علي الخير الخ ج4 ص6279)

www.dawateislami.net

۽ اميرِ اهلِسنّت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمائن ٿا تہ ”دعوتِ اسلامي جو 99% فيصد ڪم انفرادي ڪوشش جي ذريعي ئي ممڪن آهي.“ تنهنڪري اوهان بہ هن مدني ڪم ۾ حصو وٺندي ان جون برڪتون حاصل ڪيو .اچو ترغيب خاطر هڪ ايمان افروز مدني بهار ٻڌو!

## انوکي ڪمائي

بنگلہ ديش جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ مان هڪ عرصي ڪان وٺي پنهنجي مڙس سان گڏ ڪويت ۾ رهائش پذير آهيان بدقسمتي سان هتي جي آزادانہ ۽ بيهوده ماحول جا جراثيم مون ۾ بہ سرايت ڪرڻ لڳا ۽ مان مختلف گناهن جي موذي مرض جو شڪار ٿي ويس ،خوب ٺهي سنورجي ڪري آزادانہ گهمندي ڦرندي هيس، نت نوان فيشن واپرائڻ جو ڀوت سوار رهندو، جڏهن بہ ڪڏهن ڪو نئون فيشن ڏسندي هيس ان کي واپرائڻ منهنجي اوّلين ترجيحات ۾ شامل هوندو هو ٻچيءَ ۾ پوتي پائي ڪري گهمڻ ۾ فخر محسوس ڪندي، پنهنجي خواهشات کي پوررو ڪرڻ جي فڪر هميشہ دامن گير رهندي هئي، ستم مٿان ستم هي تہ مان مال ڪمائڻ جي لاءِ گهر ئي ۾ نيٽ ڪيفي کولي رکيو هو، مڙس ڪم تي ويندو ۽ مان گهر ۾ نيٽ ڪيفي هلائيندي هيس. مال ۽دولت جي محبّت مونکي ايتري قدر انڌو ڪري ڇڏيو هو جو مان مال ۽ دولت جي بهاني پنهنجي گهر جا دروازا هر هڪ جي لاءِ کولي رکيا هئا. آءُ تمام پر ڪشش انداز ۾ رهندي ۽ هر اچڻ واري جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائيندي هيس . جيئن تہ مان فيشن پر ست ۽ بي پڙده رهندي هيس ان ڪري منهنجي نيٽ ڪيفي تي اجنبي مردن جو رش رهندو هو. مونکي پنهنجي عزّت ۽ عفت جو ڪوخيال نہ هو. بس مال مال ۽ مال ڪمائڻ جو ئي هر دم خيال هو، منهنجي گهر وارن بہ مونکي ڪڏهن ڪم تي ڪو

شرم نہ ڏياريو .مون کي هن ڳالھ جو احساس تائين ڪونہ هيو تہ مان بي پردگي جهڙو ڪبيرا گناهہ ڪري پنهنجي آخرت کي داءُ تي لڳائي رهي آهيان ،مونکي هن ڳالھ جو ڪڏهن خيال بہ نہ آيو هو تہ هن حال ۾ ئي جيڪڏهن منهنجو انتقال ٿي ويو تہ منهنجو ڇا بڻجندو. الغرض مان يادِ الٰهي کان يڪسر غافل پنهنجي زندگيءَ جا انمول هيرا ضايع ڪري رهي هيس، اهو تہ الله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي ۽ اميرِ اهلِسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي سلامت رکي جو جنهن جي سبب سان مان بي پردگي ۽ بي حيائيءَ جي باهہ مان نڪري ڪري گلشنِ حيا ۾ پهچي ويس، اهڙي طرح منهنجي زندگيءَ جي گناهن ڀريل زندگيءَ ۾ هدايت جو سج ڪجهہ هن طرح سان اڀريو جو هڪ ڏينهن حسبِ معمول مان بڻجي سنورجي ڪري نيٽ ڪيفي تي وينني هيس تہ هڪ خاتون منهنجي گهر ان وقت داخل ٿي جڏهن تہ ٻيو ڪير بہ موجود نہ هيو، اها خاتون مٿي کان وٺي پيرن تائين مدني برقعي ۾ ملبوس هئي، مان ان کي حيرت ڀرين نگاهن سان ڏسڻ لڳس تہ هي باحيا خاتون ڪير آهي جيڪا پردي جو ايتري قدر اهتمام ڪري ٿي، اڃا مان انهن خيالات ۾ ئي گم هيس جو انهن جي شفقت ڀري آواز مونکي سوچن جي چڪر مان ڪڍيو اهو هن طرح تہ انهن قريب ايندي ئي سلام ڪيو، پهرين ئي دفعي جي ملاقات ۾ ايتري قدر پنهنجائپ جو انداز ڏسي آءُ بيحد متاثر ٿيس، مونکي ڇا خبر هئي تہ اها اڇڻ واري باپردا اسلامي ڀيڻ مونکي گناهن جي هن جهنگ مان ڪڍڻ جو سبب ثابت ٿيندي، گفتگو دوران نيڪي جي دعوت پيش ڪندي مونکي بي پردگيءَ جي دلدل مان نڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي اهي چوڻ لڳيون: اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اسان مسلمان آهيون اسان جو هر ڪم الله عَزَّوَجَلَّ جي خوشنودي جي لاءِ هجڻ گهرجي ،اسان کي هر ان ڪم کان پنهنجو دامن بچائڻ گهرجي جنهن سان اسان جو ربّ عَزَّوَجَلَّ ناراض

www.dawateislami.net

ٽيندو هجي، الله عَزَّوَجَلَّ مسلمان عورتن کي نامحرم مردن کان پردو ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي، انهيءَ ۾ اسان جي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي آهي .اوهان ٿورو غور ته فرمايو هتي ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو ايندا هوندا ۽نه ڄاڻ اوهان کي ڪهڙين ڪهڙين نگاهن سان گهوريندا هوندا منهنجو مشورو آهي ته اوهان هن ڪم کي ڇڏي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو .گفتگو دوران ٿي انهن ٻڌايو ته مان اوهان جي برابر واري فليٽ ۾ ئي رهندي آهيان. انهن جي پر خلوص دعوت سان مان متاثر ٿيس پر پنهنجي بري روش نه ڇڏي سگهيس، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ان اسلامي ڀيڻ منهنجي فراغت جا اوقات معلوم ڪري ورتا ۽ اهڙي وقت ۾ ئي تشريف آڻيديون هيون جهڙي وقت ۾ مان فارغ هوندي هيس. هوءَ انفرادي ڪوشش جي ذريعي منهنجو ذهن ٺاهينديون هيون، ڪڏهن پنهنجي مرشد اميرِ اهلِسُنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جو تذڪرو ڪنديون ته ڪڏهن وري دعوتِ اسلامي جون مدني بهارون بيان فرمائينديون. هڪ ڏينهن اهائي خير خواه اسلامي ڀيڻ مون وٽ آيون ۽ چوڻ لڳيون: ته منهنجي ٻارن جا ابو ٻاهر بيٺل آهن ،انهن کي ضروري ڪال ڪرڻي آهي، مون چيو انهن کي اندر سڏي وٺو ،ته چوڻ لڳي: اهي اندر نٿا اچي سگهن. مون چيو: ڇو؟ ته ان باپردا اسلامي ڀيڻ چيو: ڀهريون اوهان پردو ڪيو پوءِ اهي ايندا .“مونکي هن ڳالهه تي حيرت سان گڏو گڏ خوشي به ٿي ته هن پر فتن دور ۾ به شرم ۽ حياء جو وصف رکڻ وارا خوشنصيب به موجود آهن، مون ڇهري تي پردو وجهي ڇڏيو ته اسلامي ڀيڻ انهن کي اندر اچڻ جو چيو: جيئن ئي دروازو کليو انهن جا مڙس شرم ۽ حيا وچان نظرون جهڪائي اندر داخل ٿيا، انهن اڇو لباس پهري رکيو هو ۽ مٿي تي سبز سبز عمامو شريف سجايل هو، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته زال

www.dawateislami.net

مڙس جي شرعي حدود جي محافظت ڏسي ڪري مونکي پنهنجي بي باڪي ۽ گناهن ڀري زندگي تي افسوس ٿيڻ لڳو ۽ منهنجيون اکيون پُرنم ٿي ويون ۽ منهنجي زبان تي هي لفظ جاري ٿي ويا: ”اهي ٻہ تہ مسلمان آهن هي مرد ٿي ڪري ٻہ ايتري قدر شرم ۽ حياءُ وارو آهي ۽ مان آهيان جو بي پردگي جي عظيم گناهہ جو ارتڪاب ڪندي ئي پئي وڃان.“ ان اسلامي ڀيڻ جو مڙس جيتري دير تائين فون تي ڳالهہ ڪندا رهيا، انهن هڪ ڀيرو بہ منهنجي طرف نظر کڻي ڪري نہ نهاريو. انهن جي وڃڻ کان بعد مان هڪ اضطراري حالتَ ۾ مبتلاء ٿي ويس. اڄ پهريون ڀيرو شرم ۽ حياء جي عملي تصوير ڏسي ڪري فڪرِ آخرت جي شمع منهنجي دل ۾ روشن ٿي وئي، جنهن جي ڪرڻن سان منهنجي تاريڪ دل جي دنيا روشن ٿي ۽ منوّر ٿيڻ لڳي، مونکي شدت سان پنهنجي گناهن تي ندامت ٿيڻ لڳي، خوفِ خدا جو ايتري قدر غلبو ٿيو جو اسلامي ڀيڻ جي ويندي ئي مان فورن نيٽ ڪيفي بند ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ اچي زور زور سان روئڻ شروع ڪري ڏنو، مان پنهنجي زندگيءَ ۾ ايترو ڪڏهن نہ رني هيس، منهنجا ڳوڙها هيا جيڪي رڪجڻ جو نالو ئي نہ پيا وٺن ايتري تائين جو ڪيئي ٽشو پيپر منهنجن ڳوڙهن سان پاٽي پاٽي ٿي ويا. جيئن جيئن منهنجين اکين مان ڳوڙها نڪرن پيا تئين تئين منهنجي دل مان بي پردگي ۽ ٻين گناهن جو مير ڌوپجندو وڃي پيو. ان ڏينهن نيٽ ڪيفي تي اچڻ وارا گراهڪ نيٽ ڪيفي جو دروازو بند ڏسي واپس موٽي ويا .شام جو جڏهن منهنجي ٻارن جا ابو آيا مون چيو: ”اڄ مان تمام گهڻا پيسا ڪمايا آهن“. انهن چيو: ڪٿي اچو مان بہ تہ ڏسان تہ گهڻا پيسا ڪمايا آهن. مان ڳوڙهن سان پسيل ٽشو پيپر جي صورت ۾ پنهنجي انوکي ڪمائي آٽي سندن جي سامهون رکي. اهي هي ڏسي حيران ٿي چوڻ لڳا: هي ڇا آهي؟ مان انتهائي درد

www.dawateislami.net

پري انداز ۾ سمورو واقعو انهن جي گوش گذار ڪري ڇڏيو. ان تي اهي ٻه سڏڪا ڀري روئڻ لڳا. مان پنهنجي مڙس کي چيومان نيٺ ڪيفي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪي آهيان.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهي ڏينهن مان بي پردگيءَ پنهنجن سڀني گناهن کان سچي توبه ڪئي ۽نيٺ سسٽم کي هميشه جي لاءِ بند ڪري ڇڏيو. ان اسلامي ڀيڻ سان گڏ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري هفتي وار سنّتن ڀري اجتماع ۾ وڃڻ شروع ڪيو ،امير اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ سان بيعت ٿي ويس ،مدني برقعو پائي ورتو ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِسُنّت بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامه مولانا ابو بلال محمّد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي عطا ڪيل مدني مقصد ”مونکي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي تحت نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروف ٿي ويس اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تادمِ تحرير علاقائي دوري جي ذمّه داره جي حيثيّت سان مدني ڪمن جي ترقي ۽ بهتري جي لاءِ ڪوشان آهياسن.

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو

اندھیرا ہی اندھیرا تھا اجالا کر دیا دیکھو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ناشڪري جي عادت کان بچڻ جي لاءِ بُزرگانِ دِين جي قولن جي روشني ۾ اچو هاڻي نعمتن جي ناشڪري بابت ڪجهه وعيدون ٻه ٻڌون ٿا. جيئن ته

## ناشڪري جون وعيدون

اميرُالمؤمنين حضرت سيدُنا علي المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَاليٰ وَجْهَه الْكَرِيْم جن فرمايو: نعمتن جي زوال کان بچو ڇو تہ زائل ٿي ويل اهي ٻيهر ناهن ملنديون، مزيد فرمائن ٿا: جڏهن توهان کي هتان هُتان کان نعمتون ملڻ لڳن تہ ناشڪرا بڻجي انهن جي تسلسل کي خود کان پري نہ ڪريو. (دين و دنيا کي انوکهي باتين،ص۵۱۵)

حضرت سيدُنا مُغِيره بن شعبہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: جيڪو تو کي نعمت عطا ڪري تون ان جو شڪر ادا ڪر ۽ جيڪو تنهنجو شڪريو ادا ڪري تون ان کي نعمت سان نواز ڇوتہ ناشڪري سان نعمت باقي ناهي رهندي ۽ شڪر سان نعمت ڪڏهن زائل ناهي ٿيندي. (دين و دنيا کي انوکهي باتين،ص۵۱۴)

حضرت سيدُنا ابنِ عائشہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيان ڪن ٿا: منقول آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن ڪنهن ٻانهي کي ڪا نعمت عطا ڪري پوءِ هو ان نعمت جي حوالي سان ظلم ۽ زيادتي سان ڪم وٺي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان نعمت کي ضرور ان کان زائل ڪندو آهي. (دين و دنيا کي انوکهي باتين،ص۵۱٦)

حضرت ڪعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: الله تعاليٰ دُنيا ۾ ڪنهن ٻانهي تي اِنعام ڪري پوءِ اهو الله تعاليٰ جي لاءِ ان نعمت جو شڪر اَدا ڪري ۽ ان نعمت جي وجہ سان الله تعاليٰ جي لاءِ تواضُع ڪري تہ الله تعاليٰ ان کي دنيا ۾ ان نعمت سان نَفع ڏيندو آهي ۽ ان جي وجہ سان ان جا آخرت ۾ دَرجا بُلند ڪندو آهي. ۽ جنهن تي الله تعاليٰ دُنيا ۾ اِنعام فرمايو ۽ ان شڪر اَدا نہ ڪيو ۽ نہ ئي الله تعاليٰ جي لاءِ ان تواضُع ڪئي تہ الله تعاليٰ دنيا ۾ ان نعمت جو نَفعو ان کان روڪي وٺندو آهي ۽ ان جي لاءِ جهنّم جو هڪ طبقو کولي ڇڏيندو آهي ،

www.dawateislami.net

پوءِ جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهيندو تہ ان کي (آخرت ۾) عذاب ڏيندو يا ان سان در گذر فرمائيندو(معاف فرمائيندو). (رسائل ابن ابي الدنيا، التواضع والخمول، ۵۵۵/۳، رقم: ۹۳)

## ”مجلس المدينہ لائبريري“

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل نعمتن تي شڪر ادا ڪرڻ جي بدران شيطان جي راهہ تي هلندي ناشڪري ڪرڻ ڪيتري قدر تباهہ ڪن آهي ڇوتہ نعمتن جي ناقدري ۽ ناشڪري ڪرڻ جي نحوست سان نہ صرف نعمتن کان محرومي ٿيندي آهي بلڪ هي عمل جهنّم ۾ وڃڻ جو بہ سبب بڻجي سگهي ٿو. تنهنڪري صرف خوش حالي ۾ ئي الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا نہ ڪريو بلڪ خستہ حالي، پريشاني، بيماري، تڪليف ۾ بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ٻين نعمتن تي نظر رکندي ناشڪري کان بچڻ گهرجي. ياد رهي! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي خدمتِ دِين جي ڪمن ۾ پنهنجي پاڻ کي مشغول رکڻ بہ ناشڪري جي آفت مان ڇوٽڪارو ماڻڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ خدمتِ دين جي 103 کان وڌيڪ شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن شعبن مان هڪ شعبو ”مجلس المدينہ لائبريري“ بہ آهي. علمِ دين جي روشني ڦهلائڻ ۽ ماڻهن کي درست اسلامي تعليمات کان روشناس ڪرائڻ، هن مجلس جي بنيادي مقصدن ۾ شامل آهي. مختلف مدني مرڪزن (فيضانِ مدينہ) ۾ (مسجد ۽ فناءِ مسجد جي علاوه) قائم المدينہ لائبريري ۾ مطالعو ڪرڻ جي لاءِ خوشگوار ماحول ۾ سنّتن ڀريا آڊيو، ويڊيو بيان، مدني مذاڪرا ٻڌڻ ۽ مدني چينل ڏسڻ جي لاءِ ڪمپيوٽرز /LCDs جي ترڪيب ٺاهي وئي آهي.

جن عاشقانِ رسول ڪي ڪتاب ۽ رسالا خريد ڪري مطالعو ڪرڻ ۾ دُشواري هجي يا ڪنهن وجہ سان مدني چينل ڏسڻ کان محرومي هجي تہ "المدينه لائبريري" جي ذريعي سان ڪتابن ۽ رسالن جو مطالعو بہ ڪري سگهجي ٿو، 100 في صدي اسلامي چينل "مدني چينل" جي علمِ دين سان مالا مال هڪ کان وڌيڪ هڪ سلسلن ذريعي اسان بہ علمِ دين جي دولت گڏ ڪري سگهون ٿا.

مرحومن جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ "المدينہ لائبريري" ۾ مختلف موضوعن تي مشتمل اميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ علماءِ اهلسنت جا ڪتاب ۽ رسالا، CDs ۽ VCDs ۽ ميموري ڪارڊن وغيره رکڻ جي ترڪيب بہ ڪري سگهجي ٿي. الله عَزَّوَجَلَّ مجلس المدينہ لائبريري کي وڌيڪ ترقيون ۽ عروج نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شڪرِ الٰهي ادا ڪرڻ جا ڪجهہ طريقا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان نعمتن تي شڪر جي برڪتن ۽ ناشڪري جون وعيدون ٻڌيون، اُميد آهي تہ دل ۾ نعمتن جي قدر، نعمتن تي شڪر ادا ڪرڻ ۽ ناشڪري کان بچڻ جو مدني ذهن بڻيو هوندو. پر ياد رهي! هن مدني سوچ جي مطابق عمل ڪرڻ ۽ ان تي استقامت (Steadfastness) جي لاءِ ضروري آهي تہ اسان کي نعمتن تي شڪر ادا ڪرڻ جا ڪجهہ نہ ڪجهہ طريقا بہ معلوم هجن. تہ اچو! هاڻي الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل نعمتن تي ان جو شڪر ادا ڪرڻ جا ڪجهہ طريقا بہ ٻڌون ٿا تہ جيئن انهن جي برڪت سان اسان پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جا شڪر گذار ٻانها بڻجي وڃون،

www.dawateislami.net

## شڪر جي باري ۾ مطالعو ڪريو!

(1) جڏهن بہ موقعو ملي شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسُنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مَوْلانا ابُو بلال محمّدالياس عطّار قادري رَضَوي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ مڪتبة المدينہ جي ڇپيل ڪتابن ۽ رسالن جو مطالعو ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن جي برڪت سان معلومات جو وڏو خزانو هٿ ايندو ۽ ڳڻوڳڻ نعمتن تي شڪر جو ذهن بہ ٺهجندو. شڪر جي باري ۾ معلومات جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو مطبوعہ ڪتاب ”شکر کے فضائل“ ۽ حُجةُ الْاِسْلام حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي تصنيف”اِحياءُ العُلوم“ جلد 4 صفحو 239 جو مطالعو بيحد مفيد آهي.

## پاڻ کان گهٽ حيثيت وارن کي ڏسو

(2) شڪر جي عادت بنائڻ جي لاءِ هميشہ پاڻ کان گهٽ حيثيت واري کي ڏسو ۽ ائين ذهن ٺاهيو تہ مون وٽ تہ الله عَزَّوَجَلَّ جون ڏنل ڪثير نعمتون ۽ طرح طرح جون آسائشون موجود آهن جڏهن تہ فُلاڻو تہ ويچارو معذور آهي، هر وقت بيمارين، پريشانين جو شڪار آهي، فُلاڻي وٽ تہ پنهنجو ذاتي گهر يا گاڏي ۽ سٺو لباس بہ نہ آهي ايستائين جو هو تہ ٻن وقتن جي ماني جي لاءِ بہ ٻين جو محتاج آهي.

## نعمتن تي غور ڪريو

(3) شڪر جي عادت ٺاهڻ جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪوڙ نعمتن تي غور ڪريو تہ ان اسان کي اشرفُ المخلوقات ٺاهيو، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت ۾ پيدا فرمايو، صحابہ و اهلِ بيت عَلَيهِمُ الرِّضْوَان بزرگانِ دين، علماءِ اهلسنت، مرشد ڪريم جي نسبت ۽ انهن جي صدقي مدني ماحول عطا فرمايو، اسان کي قرآن، ايمان،

مبارڪ راتيون ۽ ڏينهن، مڪ مڪرمہ ۽ مدينہ منوره جهڙا بابرڪت شهر، مسجدون، مدرسا، جامعات، والدين، پيٽ ڀاءُ، جسماني عضوا، عقل ۽ حواس، هوا، پاڻي، مٽي، روشني، گهر، روزگار، سردي، گرمي، سرء، بهار، زمين، آسمان، جبل، چنڊ سج، ننڊ، صحت، اَناج، حيوانات، نباتات، برسات، ڏينهن ۽ رات وغيره جهڙيون عظيمُ الشّان نعمتون نصيب فرمايون آهن، جيڪڏهن اسان کي ڪا هڪ نعمت نہ ملي تہ اسان ايترين سارين نعمتن کي وساري ڇڏيون ٿا، ائين هرگز نہ ڪرڻ گهرجي.

## عضوئن جي ذريعي شڪر ڪريو

(4) زبان سان گڏوگڏ ٻين عضوئن مثال طور هٿ، پير ۽ اکين وغيره جي ذريعي بہ ائين شڪر ادا ڪيو وڃي جو انهن سان صرف جائز ۽ ثواب وارا ڪم ڪيا وڃن، ناجائز ۽ حرام بلڪ فضول ڪمن ۾ هنن عضوئن کي استعمال ڪرڻ کان بچيو وڃي، حضرت سَيِدُنا زِياد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان منقول آهي: نعمت ماڻڻ واري تي الله عَزَّوَجَلَّ جو هڪ حق هي آهي تہ اهو ان نعمت جي ذريعي نافرماني جو مرتڪب نہ ٿئي. (تاريخ مدينه دمشق لابن عساکر، زياد بن عبيد،١٩١/١٩)

## مصيبت ۾ صبر ڪريو

(5) مصيبت جي حالت ۾ بہ شڪر جي عادت بڻائڻ گهرجي، مثلاً الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي تہ ان ڪا وڏي مصيبت يا بيماري نہ موڪلي. اسان جا بزرگ تہ مصيبت تي خوش ٿيندا هئا جيئن تہ منقول آهي

حضرتِ سيدُنا فتح مُو صلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي مٽي جو سور ٿيو تہ خوش ٿي ارشاد فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ مون کي اهو مَرَض عنايت فرمايو جيڪو انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلام کي درپيش ٿيندو هو، تنهنڪري هن جو شڪرانو هي آهي تہ مان 400 رَڪعَت نفل پڙهان. (152رَحمت ڀهري حڪايات ص١٧١)

(6)هر مهيني 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪريو ۽ روزانو فڪرِ مدينہ ڪندي مدني انعامات جو رسالو پري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذمہ دار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو ۽ هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۽ هفتيوار مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي عادت بڻايو، تہ جيئن چڱي صُحبت مِلي ۽ چڱي صُحبت جي برڪت سان الله تعاليٰ جو شڪر گذار ٻانهو بڻجڻ جو شرف حاصل ٿئي.

(7) مدني چينل جا سلسلا ڏسڻ جو معمول بڻايو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نعمتن تي شڪر ڪرڻ جي عادت بڻجي ويندي.

## مَحبُوبِ عَطار جي وِلادَت ۽ لاڏاڻو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ذُوالقعدۃُ الحرام جو مبارڪ مهينو اسان جي درميان جلوه گر آهي، هن جي 21 تاريخ، تاجدارِ مدني انعامات حاجي زم زم عطاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو ڏيهن آهي. پاڻ 10ستمبر1965ء (بمطابق 14جُمَادَي الْاُوْليٰ 1385ھ) ۾ باب الاسلام سنڌ جي شهر حيدر آباد ۾ پيدا ٿيا. 20 سال جي عمر ۾ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابَستہ ٿي شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي ذريعي سان شهنشاه بغداد، حضور غوثِ پاڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي غلامن ۾ شامل ٿيا ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن ۾ گهڻو حصو وٺندا رهيا ۽ 15 رَمَضَانُ المبارَڪ 1425ھ بمطابق 30 اڪتوبر 2004ء تي دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جا رُڪن بڻجي ويا ۽ سالن تائين مَدَني ڪمن جون خوب ڌومون مچايون. ڏکهي عَلالت کان بعد 21 ذوالقعده 1433ھ بمطابق 8 اڪتوبر 2012ء جو سومر ۽ اڱاري جي وچين رات تقريباً 11 لڳي 45 منٽ تي بابُ المدينہ ڪراچي ۾ انتِقال فرمايو.

اِنَّالِلّٰه وَاِنَّآ اِلَيه رٰجِعُوْنَ

www.dawateislami.net

## تاجدارِ مدني انعامات جا ڪجھ وصف

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه نيڪ، متقي، سُنّتن جا عامل، صبر ۽ رِضا جا پيڪر، حُسنِ اخلاق، عاجزي و انڪساري ۽ سخاوت جا شاهڪار هئا، مريضن جي عيادت ،غريبن جي مدد جهڙيون پاڪيزه صفتون سندن ڪردار جو حصہ هيون. پاڻ نهايت نرم مزاج هئا، پنهنجي ٻارن بلڪ ٻارن جي امڙ سان بہ معافي گهرڻ ۾ شرم محسوس نہ ڪندا هئا، والده محترمہ جا فرمانبردار، پير و مرشد جا سچا عاشق بلڪ فنَا في الشَّيخ ۽ مريدِ صادق هئا، علمِ دين سکڻ، مطالعو ڪرڻ، مدني مذاڪرن ۾ شرڪت جو ذوق وشوق رکڻ وارا ۽ مدني انعامات جا پڪا عامل هئا. مڪتبةُ المدينہ جا نئوان ڪتاب ۽ رسالا شايع ٿيڻ تي سندن خوشي ڏسڻ وٽان هوندي هئي، پاڻ بہ مطالعو ڪندا هئا ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب (Persuasion) ڏياريندا هئا، عضوئن جو قفلِ مدينہ بالخصوص اکين ۽ زبان جو قفلِ مدينہ لڳائيندا هئا، لکي ڪري گفتگو ۽ قفلِ مدينہ جو عينڪ بہ استعمال ڪندا هئا. محبوبِ عطارؔ جي سيرت جي حوالي سان وڌيڪ دلچسپ معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 208 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”محبوبِ عطار کی 122حکایات“ مڪتبة المدينہ جي بستي تان هدِيةً طلب فرمائي ان جو مطالعو ڪريو.

دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي هن هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ اسان نعمتن جي قدر ڪرڻ ۽ ان تي شڪر ڪرڻ جي طريقن

www.dawateislami.net

جي متعلق مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اسان ٻڌو تہ

- ❖ نعمتن سان صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي فرمانبرداري وارا ڪم ورتا وڃن ۽ اها ئي بُزرگانِ دين جي سيرت مان اسان کي خبر پئي آهي.
- ❖ الله عَزَّوَجَلَّ جون نعمتون ايتري قدر گهڻيون آهن جو انهن کي شمار ڪرڻ ڪنهن جي وس ۾ ناهي.
- ❖ نعمتن تي شڪر ادا ڪرڻ، انهن کي ياد رکڻ، انهن جو تذڪرو ڪرڻ ۽ هر حال ۾ ناشڪري کان بچندو رهڻ، الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي پسنديده معمولات ۾ شامل آهي.
- ❖ نعمتن تي شڪر جي برڪت سان انسان مقامِ صدّيقيت تي فائز ٿي ويندو آهي.
- ❖ نعمتن تي شڪر جي برڪت سان ٻانهي کي شاڪرين (يعني شڪر ڪرڻ وارن) ۾ لکيو ويندو آهي.
- ❖ نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ قومن جي عروج جو سبب آهي.
- ❖ نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ نعمت ۾ اضافي جو، جڏهن تہ ناشڪري ڪرڻ زوالِ نعمت جو سبب آهي.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي حقيقي معنيٰ ۾ نعمتن جي قدر ڪرڻ، انهن تي شڪر ڪرڻ ۽ ناشڪري جي تباهہ ڪارين کان محفوظ فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِىِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

ان سب مبلّغوں کے خوابوں میں اب کرم ہو آقا جو سنّتوں کی خدمت بجا رہے ہیں

## مسواڪ جون سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو ! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رِسالي "163 مَدَني گل " مان مِسواڪ بابت مدني گل ٻڌون ٿا.

پهرين ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: ۞ ٻه رڪعتون مسواڪ (يعني ڏندڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهن. (الترغيب والترهيب ج 1 ص 102 حديث 18) ۞ مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو ته هي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي. (مسند امام احمد بن حنبل ج 2 ص 438 حديث 5869) **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب "**بهار شريعت**" جلد پهريون صفحي 288 صدرُالشّريعه، بدرُالطريقه، حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عليه رحمةُالله القوي لکن ٿا، مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هجي ته مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب ٿيندو، ۽ جيڪو آفيم کائي ٿو ان کي ڪلمو نصيب نه ٿيندو ۞ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته مسواڪ ۾ ڏهه خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي

[1] ...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥

www.dawateislami.net

مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّ وَجَلَّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آهي.(جمع الجوامع للسيوطي ج 5 ص 249 حديث 14867) ۞ سيّدنا امام شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائينديون آهن: فضول ڳالهين کان پرهيز، مسواڪ جو استعمال، نيڪ ماڻهن جي صحبت، پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ (احياءُالعلوم ج 2 ص 27) ۞ مسواڪ پيلو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي هجي ۞ مسواڪ جي ٿولهه چيچ جي برابر هجي ۞ ڏندڻ هڪ گرانٺ کان ڊگهو نه هجي نه ته ان تي شيطان ويهندو آهي ۞ ان جا تاندورا نرم هجن جو سخت تاندورا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن ۞ مسواڪ تازو هجي ته سٺو نه ته ڪجهه دير پاڻي جي گلاس ۾ پسائي نرم ڪري ڇڏيو ۞ ان جا تاندورا روزانو ڪٽيندا رهو جو تاندورا ان وقت تائين ڪم جا آهن جيستائين انهن ۾ ڪؤڙاڻ باقي آهي ۞ ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو ۞ جڏهن به ڏندڻ ڪرڻو هجي ته گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪريو ۞ هر ڀيري ڌوئي ڇڏيو ۞ ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح ڪٺو جو چيچ ان جي هيٺان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو منڍ تي هجي ۞ پهريان ساڄي طرف کان مٿين ڏندن تي ۽ پوءِ کابي طرف کان هيٺين ڏندن تي ڏندڻ ڪيو ۞ مسواڪ مٺ ۾ بند ڪري ڪرڻ سان بواسير ٿيڻ جو انديشو آهي ۞ ڏندڻ ڪرڻ وضو ۾ سنّت قبليه (وضو کان پهريان ادا ڪئي ويندڙ سنّتن مان) آهي البت سنّت مؤڪّدَه ان وقت آهي جڏهن وات ۾ بدبو هجي. (ماخوذ از فتاويٰ رضويه شريف ج 1 ص 243) ۞ استعمال ٿيل ڏندڻ جا تاندورا گڏوگڏ خود ڏندڻ جڏهن

www.dawateislami.net

استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلايو نہ، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهہ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شائع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ غور سان ان جو مطالعو فرمايو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net